سُر سُوره

سنڌ

سنڌ جي سورهيه بادشاهه شهيد پير صبغت الله شاهه راشدي جي ياد ۾، جنهن سنڌ کي آزادي ڏيارڻ خاطر، سنڌ تي قابض دنيا جي خوفناڪ ۽ انتهائي طاقتور فوجي قوت "انگريز" سان معاڪو انڪايو ۽ هن ڌرتيءَ تان گهور ٿي ويو.

يوسف شاهين

وينگس وَرَ ڪٺي، ڪنيا هٿيار هٿن ۾

پارس پدمٺي، ويٺي وڍيندي ويرين کي،

وينگس وَرَ ڪٺي، هَٿَ ۾ ڪنيا هٿيار،

سيوٺي سورميون، نڪري ٿيون نروار،

پوءِ تہ ويرين وچ ۾، هٿي ماران مار،

ڏندين ڏنيون آگريون، انگريجي اُغيارَ،

ڪمڙي قوم سان، پيو پالو پالٺهار،

نہ ٿي سانگو ساهہ جو، نائي پاڻَ پَچارَ،

مَڪالي هتان جي مٿي، ڦريو وجهي ڦلڪارَ،

وَڻ ٽڻ وائي اِهائي، لميو ڪن لَلڪارَ،

تہ ڪٺي توب ترار، پچو هن پونءِ تان،

سورهيہ بادشاهہ اسٽڊي سرڪل